

# نيون چوٽيون

عبدالرحمٰن پيرزادو

**Publication No.61**

BLOGS by PIRZADO

Prose Collection No. 41

Blogs Collection No.38

Title: Nayoon Chawniyoon

Writer, Composer, Editor, Publisher:

Abdul Rehman Pirzado

Hyderabad, Sindh, Pakistan.

December 31, 2022

© Abdul Rehman Pirzado

# فهرست


ٿورن لفظن ۾ وڏي ڳالهه ........ 14

عبدالرحمٰن پيرزادو ........ 14

ڀهاڪو ........ 14

محاورو ........ 16

چوٽي ........ 18

ورجيس ........ 18

شايع ڪيل ڪتاب ........ 20

شاعري ........ 20

ڪهاڻيون ........ 21

عام جي صحت ........ 21

متفرق بلاڳ ........ 22

ترتيب ........ 24

چوٽيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ........ 25

حميد سُومرو ........ 25

تخليقي ويچارن جو اظهار ........ 41

انور ابڙو ........ 41

ڀَتَرُ ........ 45

ٻُڪَ ........ 45

سرڪار ........ 51
گامون ........ 52
بيوقوفي ........ 52
چُوسَ ........ 52
صحتمند معاشرو ........ 53
شفافيت ........ 53
جاگير ........ 54
قانون ........ 54
پڙهڻَ جو فائدو ........ 54
نئين سنڌ جو دستور ........ 55
نئين سنڌ ........ 55
پرچائڻ وارو ........ 55
شعور جي اڏام ........ 56
زهر ........ 56
زندگي ........ 56
ايمانداري ........ 57
رونقن جو راڄ ........ 57
هاٿيءَ جو مڙهه ........ 58
ڪووڊ۔ ١٩ عالمي وبا ........ 58

ڏوڪو ........ 59
پتڻ ........ 59
گھاٽي جو سودو ........ 60
طبقاتي سماج جو الميو ........ 60
تنظيم ۽ مقصد ........ 61
ٿڌي چانھ ۽ پگھر ۾ ٻڏل مرد ........ 61
موت ........ 62
خالي پيٽ ........ 62
ڏاھا ........ 63
حضور شرم ........ 63
اسان کي اھي ارتقا جا پاراتا تہ نہ ڏيو ........ 63
زناني ........ 64
موقف ........ 64
برقعو ........ 65
پساري ........ 65
استنجا ........ 66
ڏکيا ڏينھن ........ 66
ظلم ........ 67
گھتا ........ 67

محبت.................................................................................... 67
گھاٽو ساڳو آ....................................................................... 68
مشين ................................................................................... 68
جهالت خلاف گڏيل آواز........................................................ 69
طبقاتي سماَج......................................................................... 69
تقليدَ..................................................................................... 69
خواب هجن آزاد..................................................................... 70
جتي ...................................................................................... 70
سماج ۾ پنهنجي 'راءِ' رکڻ به ڏکيو کم آ................................ 70
سُتي ..................................................................................... 71
جانورن جو سماج ................................................................. 71
کوتاه قد ۔ کند ذهن .............................................................. 72
انسان.................................................................................... 72
هڻ خط 'هلال پاکستان' ۾ ..................................................... 72
اهڙو نظم لک جو چپجي 'سهٽي' ۾ ......................................... 73
موت مسئلي جو حل کونهي .................................................. 73
اسان کي اهي ارتقا جا پاراتا ته نه ڏيو ................................... 73
داڦ........................................................................................ 73
بشنگيري.............................................................................. 74

لاپ ............ 74
ڳالھ نہ ڪر ڳاريون ملنديئي ............ 74
اميدون ............ 75
غيرجانبدار دانشور ............ 75
تيلي ڏيندين ڊاندي ٿيندو ............ 75
ڪاسبي ............ 76
اسان سڪي ويا آهيون ............ 76
سچائيءَ جو سفر ............ 77
ڏرٿيندين ڏار ٿيندين ............ 77
خوف جو ڪاروبار ............ 77
دليل ڏيندين ذليل ٿيندين ............ 77
پڙيءَ جو ڊور ............ 78
ڊاڪٽر ............ 78
سَنڌَ سان بيھو ............ 78
استاد ............ 79
ٻولي ............ 79
هڪڙي ڳالھ ............ 79
ويم گھر ............ 80
سنڌ جو الميو ............ 80

نئون دستور ........ 81
ايمانداري ........ 82
ڌرتيءَ جو اصلي پُٽُ ........ 82
ڀلائي ........ 83
ميراثي ........ 83
ڀوت ........ 84
ڪانون ڪان ئي سکئون ........ 85
ادارا ........ 85
هينگون ........ 86
گڏ تيڻ ........ 86
سزا ........ 86
ههه ........ 87
پرستي ........ 87
انبوهه ........ 87
تنظيم ........ 88
چڙواڳي ........ 88
پيشو ........ 88
مسيحا ........ 89
چڱي ........ 89

خوراڪ ........ 89
اولاد ........ 90
ڪچيون ........ 90
ڪنپيون ........ 90
مينهن ........ 91
تازي ........ 91
ڪنڊوم ........ 91
گاريون ........ 92
سڪون ........ 92
اميدون ........ 92
غلط العام ........ 93
نسل پرستي ........ 93
اديب ........ 93
بس ڏوئي نہ ٽنگجي ........ 94
ڏاها ........ 94
پيار ........ 94
اڪريل ........ 95
پٽڪو ........ 95
ڳالھ نہ ڪَر گاريون ملندئي - ........ 95

پَرَ ........................................................................ 96

انسان........................................................................ 96

طبقاتي سماج................................................................ 96

ڪردار ...................................................................... 97

دليل........................................................................ 97

ڏر ........................................................................ 97

ڏڻ........................................................................ 98

عمل........................................................................ 98

ڇائو ناهي ڏاڏي مهاندي! ............................................. 98

نظَرَ ...................................................................... 99

ڊاند ...................................................................... 99

هڪ مندو ٻيو چوي ڪيڙي گهمان!! ............................. 99

اتائي ..................................................................... 100

جهنگ جو خيال ........................................................ 100

ابو مئو ادو ڇائو اسان اهڙي جا اهڙا .......................... 100

چريئي ڪي پٽ ڇائو، چمين ۾ ئي ماري ڇڏيئين...... 101

چورو ته ويو، گڏه به ڪاهيون ويو ............................ 101

انڌو هنگي، ڍه سيڙائي. .............................................. 101

انڌو جهڙو پيڪين، تهڙو ساهرين. ............................... 102

مرد راڳي چڙهي، سر وڃائي ........................................ 102

قرض ........................................................................ 102

ٻنئي ........................................................................ 103

'نوڪر جيڪڏهن نياڳو هجي ته گهر نه ڍهرائيبو ........ 103

ملڪيت ..................................................................... 103

گامون ...................................................................... 104

ميار ......................................................................... 104

ڪاري عينڪ ............................................................ 104

ٽج ........................................................................... 105

ماءُ ........................................................................... 105

شاعري ..................................................................... 105

شاعري ..................................................................... 106

ڪپڙو ....................................................................... 106

کهاٽي ...................................................................... 106

اٽو ........................................................................... 106

شاعري ..................................................................... 107

کهاٽي ...................................................................... 107

چانور ....................................................................... 107

پرستي ...................................................................... 107

شاعري ........................................................................ 108
سراسري ........................................................................ 108
ناول ........................................................................ 108
ڪنڊ ........................................................................ 108
شاعري: ........................................................................ 109
فصل ........................................................................ 109
گرامر ........................................................................ 109
ٻولي ........................................................................ 109
ياڙو ........................................................................ 110
ميلو ........................................................................ 110
شوق ........................................................................ 110
زندگي ........................................................................ 111

# ٿورن لفظن ۾ وڏي ڳالهه

## عبدالرحمٰن پيرزادو

جيڪڏهن مان ايئن چوان تہ پهاڪو هجي، محاورو هجي، چوٽي هجي يا ورجيس. ڪا وڏي، ڏکهي ڳالهه مختصر لفظن ۾ بيان ڪرڻ جو هنر، ڏانءُ ذات ۽ طريقو آهي .تہ ان ۾ ڪو وڏاءُ ڪونهي.

## پهاڪو

پهاڪو[1] هڪ ننڍو ياد رکڻ جهڙو بياني جملو آهي، جنهن ۾ نصيحت، چتاءُ، اڳڪٿي يا وري ڪو سوچيل سمجهيل مشاهدو سمايل هوندو آهي .يعني عام سادي ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل هڪ روايتي حقيقت اصطلاح يا محاورا پهاڪي جي دائري ۾ نہ ٿا اچن .ڪي پهاڪا سادا عوامي گفتا ٿين ٿا ۽ انهن جي معنيٰ پڌري هجي ٿي پرڪي پهاڪا سوچ ويچار ۽ معنيٰ سان پريل هوندا

---

[1] proverb

آهن ۽ زندگيءَ جي منجهيل معاملن سان واسطو رکن ٿا .ڪي پهاڪا وري ظاهر ۾ مثالي ۽ تشبيهي ٿين ٿا پر حقيقت ۾ مٽيادار ۽ اندروني معنيٰ وارا هوندا آهن . ڪي پهاڪا نہ رڳو ننديا ۽ ياد رکڻ جهڙا هجن ٿا پر اُهي بي معنيٰ ۽ ڪنهن مطلب کان خالي نہ هوندا آهن . ساڳي وقت اهو بہ ضروري ناهي پهاڪا ڪو سؤ سيڪڙو حقيت تي ٻڌل هجن .ڇاڪاڻ تہ لوڪ ڏاهپ ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ۾ عقل جي ابتڙ ۽ سمجهہ کان مٿانهين بہ هوندي آهي.

پهاڪو سنڌي لفظ” پهہ“ مان ورتو ويو اهي، جنهن جون معنائون اهن، خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح ڏيڻ/ونڻ سوچڻ ۽ نبرڻ وغيره .

پهاڪا، چوڻيون ۽ ٻهگٽن جا ٻول، سنڌي سياٽپ جو آئينو اهن .منجهن سنڌي رهٽي ڪهٽي ۽ ڪڻ ڪوت جي گهٽي ياڳي جيئري جاڳندي تصوير چٽيل اهي . جيتوڻيڪ پهاڪا مختصر اهن، پر چوڻ وقت مطلب ڪي پڌرو ڪن ٿا .

اهڙي طرح پهاڪن مان ماڻهن جي عادتن ۽ گفتار، رسم ۽ رواج، ڪمال ۽ زوال، حرڪت ۽ بدعت وغيره جو پتو پوي ٿو .سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪا ۽ اصطلاح

ڪافي آهن .انهن ۾ اڪثر نج ۽ نيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم آيل آهن .اهي سنڌي ادب توڙي معياري ادب جا عام جز آهن .مثال:۔ جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا, ڏڌو ڪير، ٽٽين نہ پوي

## محاورو

محاورو[2] عربي لفظ ’ حَاوَرَ جو اسم مصدر ’ محاورة ’ جاٽايو ويو آهي، جنهن جي معنى تي ورندي، وراٽي .

جيڪا ڳالهه ورائي چئجي يعني جواب، مڪالمو يا مباحثو .اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو تي ڪتب ايندو آهي ۽ اڪري معنى بدران، ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنى ڏيندو آهي، انهيءَ ڪي‘ محاورو يا اصطلاح ’ چئبو آهي.

لفظ‘ محاوري ’ جي اشتقاق ۽ مختلف لغتن مان جيڪا معنى ۽ مفهوم سامهون اچي ٿي تن مان اهو ئي اخذ ٿئي ٿو تہ لفظ‘ اصطلاح ’ ۽‘ محاورو ’ ٻہ

[2] idiom

مختلف اسم آهن .يقيناً انهن جي استعمال ۾ بہ فرق هوندو .

هيءُ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جتان اهو فارسيءَ ۾ ڪتب اچڻ لڳو .ائين محاورو عربي مان فارسيءَ ۾ ۽ پوءِ فارسي مان هندي، اُردو، سنڌي، پنجابي ۽ ٻين ڪيترن ئي ٻولين ۾ ڪَتب اچڻ لڳو’ .

محاوري کي عربيءَ ۾’ محاورت‘ ڪري اُچاريندا آهن .اصل ۾ اِهو’ حاور ‘ يا’ حوَر ‘ فعل مان نڪتو آهي .

محاوري جو مطلب آهي -موٽائڻ، ورندي ڏيڻ .اڳتي هلي ان جو مطلب گفتگو، ڳالھ -ٻولھ، لفظن جو ميڙ، روايت ۽ اصلاح وغيره نڪرڻ لڳو

## چوڻي

چوڻي[3] اهو مروج استعمال، جيڪو بيان ۾ الڳ استعمال ٿيندڙ هڪ پورو جملو يا ايڪو هوندو آهي ۽ پنهنجي لفظي معنى ۾ ئي ڪتب ايندو آهي، اها ڪنهن مشهور ماڻهوءَ جي نسبت سان پهاڪي طور استعمال ٿيندي آهي جيئن" ڏک سکن جي سونهن " انهيءَ کي چوڻي سڏبو آهي .

جيئن اوهان جي هٿن ۾ هي منهنجو چوڻين جو مجموعو موجود آهي .

## ورجيس

ورجيس[4] اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب اچي ۽ ان جي اڪري معنىٰ گهربل هجي، تنهن کي ' ورجيس ' چئبو آهي . "محاوري وانگر ورجيس پڻ اهڙو ايڪو آهي، جيڪو

[3] saying
[4] phrase

جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي .ٻنهي ۾ فرق اهو آهي تہ محاورو اڪري معنىٰ بدران ٻي معنىٰ ڏيندو آهي، پر ورجيس پنهنجي اڪري معنىٰ ۾ ئي استعمال ٿيندي آهي' .ورجيس' لفظ"ورج" مان نڪتل آهي . سنڌي ڊڪشنرين ۾ ورج جون هي معنائون ڏنل آهن . محاورو، عادت، ريت، هلت، رواج، دستور، اصلاح ۽ رهڻي وغيره آهن .محاوري وانگر ورجيس جملي جو حصو آهي، پر اهو گهٽو ڪري لفظي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي.

# شايع ڪيل ڪتاب

## شاعري

٢٠٢٠

١ . سنڌوءَ ڪپ تي

٢ . وفا جا بندي . ترجما

٣ . ڌرتيءَ جي ڏوڙ

۴ . انتظاری . اردو

۵ . دل جا حال

۶ . پورائي

٢٠٢١

٧ . ڪبوتري

٨ . ڪڙڪپيتو

٩ . چيڪلو

١٠ . دل جي موسم

٢٠٢٢

١١ . دل جهرڪين جو جوڙو

١٢ . ابتا سبتا ليکا

١٣ . جڏهن هوش آيو

١۴ . انڌو شهر


## ڪهاڻيون


٢٠٢٠

١ . هاريءَ جو پٽ

٢٠٢١

٢ . انڌي جي لٺ

٢٠٢٢

٣ . سرخ سلام


## عام جي صحت


٢٠٢٠

١ . وبا جا ڏينهن

٢ . خوراڪ ۽ صحت

٢٠٢١

٣ . ڪورونا ۾ ڪورونا

۴ . وبا جون ڳالهيون

۵ . وچڙندڙ بيماريون

۲۰۲۲

۶ . خوراڪ ۽ دلجاءِ


## متفرق بلاگ


۲۰۲۰

۱ . زندگيءَ سان واقفيت

۲ . ساٿياڻيءَ جا سور

۳ . ڳالهيون پيٽ ورن ۾

۲۰۲۱

۴ . گامونءَ جي ڳولها

۵. دلجاءِ

۶ . ڳالهه مان ڳالهه

۷ . اوتاڪ

۸ . ڳالهه جو ڳجهه

۹ . سوچ ۽ لوچ

۱۰ . اڏورو پنڌ

١١ . دل جون ڳالهيون

١٢ . ڳالهين جون ڳالهيون

١٣ . جهان جون ڳالهيون

١۴ . هڪڙي ڳالهه چوان

١۵ . لفظ لفظ زندگي

١۶ . جيئن تڏ تيئن وڏ

٢٠٢٢

١٧ . نينهن

١٨ . برقي ڪچهريون

١٩ . آنڌ مانڌ

٢٠ . متان پسائين پاند

٢١ . ڏينهن ڏٺي جا خواب

٢٢ . چئوماسو

٢٣ . اک اک جو ڦير

٢۴ . ڏِکو ۽ لاشَ

٢۵ . سڪي ستابي سنڌ

٢۶ . اڏو ڳابرو سچ

٢٧ . پٿائي شناسي

٢٨ . ساڃي ڪاٻي ڏر

٢٩ . مهين جون ڳالهيون

٣٠ . هروپرو جون ڳالهيون

٣١ . عورت ۽ سنڌ

٣٢ . نيون چوٽيون

## ترتيب

٢٠٢٢

١ . ليکن جو ليکو . ڪهاڻيون

٢ . ليکن جو ليکو . صحت، انديشا ۽ امڪان

٣ . مهين جي مٽيءَ جو شاعر.

٤ . سنڌ جو بلاگر . عبدالرحمٰن پيرزادو

٥ . منهين جو سرجڻهار

٦ . ليکن جو ليکو . بلاگ

# چوٽيءَ ۾ ڳالھ ٻولھ

حميد سُومرو

عبدالرحمٰن پيرزادو مختلف صنفن سميت "چوٽين" ۾ بہ لکندو پيو اچي چوٽين تي مشتمل سندس پھريون ڪتاب "نيون چوٽيون" توھانجي ھٿن ۾ آھي. جن مان ڪافي چوٽيون سندس اڳ ڇپيل شاعري ۽ بلاگن جي مجموعن ۾ اڳ۾ ئي ڇپيل آھن. چوٽيءَ ۾ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جو پنھجو چس آھي ۽ چوٽي ۾ ڳالھ ڪرڻ معنيٰ ٿورن لفظن ۾ وڏي ڳالھ ڪري وجھڻ. سنڌ ۾ جُڳن کان چوٽيون مروج آھن جيئن،

- انڌير نگري چوپٽ راجا
- آئي ٽاندو ڪٽڻ، بورچياڻي ٿي ويھي رھي
- ڊئو. ھڪ جھلي مينھن ٻيو جھلي بابڙو(واٽيو)
- پڪن ڳھڙن ڪي ڪنا ڪونہ پوندا آھن.

سنڌ جي ڏاھيءَ ماڻھوءَ وتائي فقير جا ڳُفتا جي نالي سان بہ سنڌ ۾ چوٽيون مشھور آھن. علي احمد بروھيءَ "

وتائي فقير سندس شخصيت ۽ چرچا“ ڪتاب ۾ سندس چرچن نما چوٽين ۽ انهن جي وضاحت ڏني آهي.

- خُدا ڏئي ٿو پر ڪنگھائي ڪُڙڪائي پوءِ ٿو ڏئي
- مار پئيو
- نيٺ تہ هِت ايندا
- تنهجي نالي تي
- عشق
- دُعا
- وڏو در
- سپاٽي
- ٿاندو

سميت لاتعداد چوٽيون چرچن جي صورت ۾ چيل آهن جيڪي سبق آموز بہ آهن تہ پڙهي کل ۾ ٻُڏي وڃجي ٿو. شِيخ اياز جو ڪتاب “جر ـ ڏيئا جهمڪن” نثري نظم، جاچنائن، ويچار ۽ چوٽين تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڪجھ چوٽيون آهن،

- زندگي جو چِيچڙو الائي ڪيتريون صديون ڪنهن ٻلاول جو انتظار ڪندو آهي.

- حياتِيءَ موت کي ختم ڪري سگهي ٿي ، موت حياتيءَ کي ختم نٿو ڪري سگهي.
- بُلهي شاهه ! چا تاريخ ۾ ڪو اهڙو دور آيو آهي ، جڏهن ڪُتا ڍونڍ جا طالب نه ٿيا هجن.
- جي شاهه لطيف تارازيءَ جي هڪ پُڙ ۾ هجي ۽ ٻئي ۾ مان هجان ته تارازي جي ڳِنِيءَ پڄي پوي.
- غالب ! دنيا تنهجي آڏو بازيچه اطفال آهي ، مون لاءِ رسيءَ تي ناچ آهي. پيرتِرڪِيو ته هڏ گُڏ پڄي پوندا.

ائين عبدالرحمٰن جي هن ڪتاب ۾ ڪجھ چوٽيون آهن،

- جاگير هميشه عام ڪان چوري ڪيل هوندي آهي.
- بوند جو خواب درياهه سان ملڻ ۾ آهي.
- زندگي جي ٿڪاوٽن مان بس هڪڙو ئي لاپ مليو- سُڪُو ن.

جيڪڏهن ڏسجي ته هڪ سٽا ۽ ٻه سِٽا ٻه جڻ کي چوٽيون ئي آهن. ٿي سگهي ٿواوائلي لوڪ شاعري جون ڪجھ سٽون ايتريون لوڪ پسند ٿي ويون جو چوٽيون ٿي ويون.

شيخ اياز جي ڪتاب ”سر لوهيڙا ڳِپيا“ ۾ نثراٽُو نظم به آهي اهڙِي ئي نثراٽِي نظم ڪي ”جر ڏيئا جهمڪن “ ۾ وري چوٽيون چيل آهي. انڪري جنهن کي نثراٽو نظم چئجي ٿو، بيت سڏجي ٿو، هڪ سٽو، ٻه سٽو، دوهو سڏجي ٿو اهو چوٽي ڪان الڳ ناهي.

لطيف چوي ٿو،

الا ! ڏاهيءَ م ٿيان ڏاهيُون ڏک ڏسن .

اها بيت جي مهڙ واري سِٽ آهي ليڪن اها چوٽي به لڳي ٿي. شاهه لطيف جي مختلف بيتن جون هينيون سِٽون به ساڳيو نياپو ڏين ٿيون.

- تن تسبِيح، من مڻيو ، دل دنبُورو جن.
- اکر پڙهه الف جو ، ٻيا ورق سڀ وسار.
- موکيءَ چوکيءَ نه ٿئي، صفا اوچيءَ ذات.
- مُنڌ نه منجهان تن، پسيءَ لک لُڏن جي.
- الست بربکم، جڏهن ڪن پيوم.

اها صرف شاعري نه آهي بلڪ اِستعارا، ڏِنُون ۾ چوٽيون به آهن.

پشتو شاعري ۾ هڪ چوٽيءَ آهي،

”اي ماءُ ، منهنجون چڳون نہ وڍ ! ، وڏيل وڻ تي باز نہ ويهندا آهن.“

شيخ اياز جي هيءَ شاعري بہ هڪ چوٽيءَ جيان تہ آهي،

” اڄ بہ ويڙھ نہ ٿِي سوچي،
ڪنهن جو ويڙهو ٿيو ويران“

شيخ اياز جي ئي منظوم ڊرامي ، ”رنيءَ ڪوٽ جا ڌاڙيل “ ۾ ولهارۓ ساٿي ڪورس جي انداز ۾ ڳائين ٿا جيڪو پاڪستان ۾ جبر جي دور ۾ لوڪ پسند چوٽي ۓ نعرو ٿي وڃي ٿو،

”ڪو سُورج ٻاري ايندا سين،
۽ ڏينهن اُڀاري ايندا سين !
هي جهندو ڳاڙهي مستيءَ ۾،
۽ جهولي پنهجي بستيءَ ۾ !
هو مارِي ماري ايندا سين،
هو ڏُونگر ڏاري ايندا سين !

شيخ اياز ” ڦُولان ماڇاڻيءَ“ جھڙو خوبصورت نظم بہ ھڪ چوٽي

” ڪارِيءَ جي ڍورِي ۾ ماجر جي چورِي، ٻنھي جو انت ڪنھن بہ نہ لڌو آھي“ کان متاثر ٿي لکيو ۽ واھ جو لکيو آھي،

”ڦُلان ھڪ ماڇاڻي ھئي،
ڳاڙھيءَ چِيٽ، اڇيءَ ڦُلڙيءَ سان،
گربيءَ تي، پائيندي ھئي،
سج ڪنيءَ سان، ايندي ھئي جِئَن،
مياڻي مھِڪي ويندي ھئي.“

ھن ڪتاب ” نيون چوٽيون “ ۾ مختلف چوٽيون شامل آھن جيڪي ھڪ سِٽا بہ آھن، بہ سِٽا بہ آھن چرڪائيندڙ ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ بہ آھن انڪري لوڪ پسند ٿيڻ جي سگھ رکن ٿا.

بُک - ڪنھن جي کُلھن کان ھيٺ ڪنھنجي کُلھن کان مٿي.

دنيا - دنيا تہ آهي ئي خواهشن جي.

مرداڻو سماج - نہ مرد جي عزت محفوظ نہ ڪنهن عورت جي.

مذهبي سماج - نہ اڪثريت جي عزت محفوظ نہ وري اقليتن جي.

نوڪر- جيڪڏهن نياڳو هجي تہ گهر نہ ڊهرائبو.

سرڪار - سرڪار ۽ پنهجي ملڪيتي ادارن ۾ فرق ڪرڻو پوندو.

قانون - پيار ۾ ڪو قانون ناهي هلندو ۽ وري قانون ۾ پيار ناهي هوندو.

طبقاتي سماج جو الميو- قبرستان ۾ پاڙا ورهايل هوندا آهن.

تقليد - اڪثريت جي انڌي تقليد ڪندي ڳڌ هجڻ مهل اصل ۾ ڳڌهہ هُجبو آهي.

ڳالهہ نہ ڪر گاريُون ملندئي.

تيليءَ ڏيندين، ڍاند ٽيندو.

ڏُر ٽيندين، ڏار ٽيندين.

دليل ڏيندين، ذليل ٽيندين.

شخصن جا پوڄاري، ادارا ڪيئن ناهيندا.

پيشو، ڪو بہ پيغمبري ڪونهي ٽيندو.

مسيحا دڪانن تي وڪر وڪڻندي ناهن ڏسبا.

ڪتاب ۾ شامل ڪافي چوٽيون ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾“ ۾ ڇپيل ۽ تبصري هيٺ آيل آهن جن ۾ پٽر، ٻُڪ، ڪڪر، ڏوڙ، نيُوٽرل، غيرت، ڏيئو، گُل، درياھ، مُڱ، ڪٽڪ، وائرس، چُوس، شفافيت، زندگي، ٽڏي چانھ ۽ پڳهر ۾ ٻُڏل مرد، استنجا ، موقف، مشِين، سُتي، جهڙيون لاجواب، معني خيز، سبق آموز، چرڪائيندڙ چوٽيون آهن جن تي لکڻ ويهجي تہ هر هڪ تي الڳ مضمون لکي سگهجي ٿو.

ڪتاب ۾ ”صحتمند معاشرو“ چوٽي موجب ”جهالت سفارش ۽ ڏاڍ ڪي ساراهڻ وارو سماج ڪڏهن به صحتمند معاشرو نٿو ڏئي سگهي.“ اڄوڪي سنڌ جي عمومي نفسيات تي اها ڳالهه ڪيترو نه پورو ٿي لهي.

نئين سنڌ چوٽي ۾ ليڪڪ چوي ٿو ”سهٽيون عمارتون، مهانگيون مشينون، عاليشان فرنيچر پر صحت جون سهوليتون اٽلپ.“ صحت جي سهوليتن سان ويڌن ته سنڌ ۾ اڳ به هئي ليڪن تازي برساتي ٻوڏ ۾ ته ڪِيس ٿي ويو، برساتي ٻوڏ ۾ ٻُڏل ماڻهو ويچارا ۽ بيوس ٻڌجي ڊينگي، مليريا بخارن ۾ ونجي ننڌٽڪا ٿي تڙپندا به رهيا ته مرندا به رهيا.

”زهر“چوٽي موجب انتهاپسندي پنهجي هر شڪل ۾ سماجن لاءِ قاتل زهر آهي اها انتهاپسندي مذهب جو روپ ڌاري يا فرقه پرستي ۽ قومپرستي جو نقصان صرف مسڪين ۽ الله جي مخلوق جو ٿيندو آهي.

اسانجي سماج جو الميو ”ايمانداري“ چوٽيءَ ۾ بہ جھلڪا ڏيندي نظر اچي ٿو ، ”ايمانداري جو معيار هڪ ڪان وڏيڪ ادارن مان هڪ ئي وقت پگهار کڻڻ.“ جيڪا اسان وٽ ئي بدعت بڻجي زنده آهي ۽ سماج ۾ شرم ڳوليئي بہ ڪونہ ٿو لڀي.

”رونقن جو راڄ “، ” زناني“ چوٽين ۾ ليکڪ عورتزاد ڪان وڏيڪ عورت جو وڪيل بڻجي پدرسري سماج بجاءِ مادرسري سماج جو قائل آهي.

”ڏوڪو“ چوٽي ۾ تصوف کي ترقي پسند چوڻ کي ليکڪ ينگ کي دوا طور وڪرو ڪرڻ سان تشبيھ ڏني آهي. اهڙي نموني ”تنظيم ۽ مقصد“، ”خالي پيٽ “، ”برقعو“، ”بِشنگيري“، ”موقف“، ”ڏکيا ڏينهن“، ”جهالت خلاف گڏيل آواز“ ، ”خوف جو ڪاروبار“، ”ڊاڪٽر“، ”ٻولي“، ”موت مسئلي جو علاج ڪونهي“ خوبصورت بامقصد، ٽُڙ، چُيندڙ، هيئين سان هنڊائڻ جهڙيون چوٽيون آهن .

”جن علائقن ۾ ڏڻ ناهن هوندا اتي ڪُنيپيون ڪونهن ٿينديون.“، ”جن علائقن ۾ وڻ ناهن هوندا اتي مينهن به لوڙهيندو آهي.“ به سبق آميز ۽ انوکيون چوٽيون آهن جن جي ڪچي، ڪاڇي جي هاري ناريءَ ڪانسواءِ گهٽ ماڻهن کي خبر آهي. سياست ۾ تيلي مان ٿنڀ بڻايل ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي جيڪا ”سنڌ ۾ چُنيل گڏهه کي تازي ڪري پيش ڪرڻ“ چوٽيءَ منجهه پسي سگهجي ٿي.

”ويم گهر“ چوٽي ۾ سنڌ جي اهم مامري ڏانهن ڏيان ڇڪايل آهي ته سئو ڳالهين جي هڪڙِي ڳالهه. سنڌ کي تربيت يافته عملي وارن ويم گهرن جي ضرورت آهي ائين ئي

”هڪڙي ڳالهه“ مطابق سئو ڳالهين جي هڪڙي ڳالهه سنڌ تربيت يافته پڙهيل ليکيل استادن جي ضرورت آهي. ائين ئي ”مقصد بنا گڏ ٿيڻ کي سنڌي ۾ انبوهه چئبو آهي.“، ”مقصد سان گڏ ٿيڻ کي سنڌي ۾ تنظيم چئبو آهي“ به سماج کي مثبت لاڙو ڏيڻ لاءِ پلوڙ چوٽيون آهن.

”محبت جبلت آهي يا خصلت“ ۾ محبت جبلت چاٽيل آهي انڪري تہ اها هر ساهدار جانور منجهہ موجود آهي.

ڪتاب ۾ ڪجهہ پراڻين چوٽين جي نئين سر وضاحت آهي تہ ڪن کي مدي خارج، سماج دشمن، عورت دشمن سڏيندي رد بہ ڪيل آهي.

”چيٽ چمڪيو نہ پلو“ پراڻي چوٽيءَ ” وُنو پلو نہ چيٽ ۾ راجا رُنو نہ پلو، سرتو پلو نہ سيٺ “ ۾ ليکڪ چيٽ، چيٽ يا ويساک، راجا ۽ سيٺ جون خصلتون بيان ڪيون آهن. ”لوڪ ڏاهپ“ ۾ وٽ ڪوٽا يا ڦودني ۾ ڦير“ واري پراڻي سنڌي چوٽي جو چيد ٿيل آهي ۽ واهہ جو بيرحمانہ چير ڦاڙ ٿيل آهي. ائين ئي ”جاڙي بہ جڳ سئين“ واري چوٽي ۾ حوالن سان جيڪا ڇاڻ ڏنل ۽ وضاحت ٿيل آهي اها ڪافي معلوماتي آهي. سنڌ جي ڪجهہ علائقن ۾ اها ئي چوٽي اسم جي فرق سان ”جنيءَ بہ جڳ سان“ جي سري سان مشهور آهي. چوٽي ”رت دانگيءَ تي بہ ورندو آهي“ کي مُنجهيل قرار ڏنل آهي. جڏهن تہ ”عقل مت شرم ٿيئي نينهن نهوڙيا“ ، ”عشق وڄايو حجاب ڦٽ

ڦٽڪڙي آ ڏاج اسانجو“، تي ٺوڪ ٺيل آهي. اتي ”پنهجو ماري ڇانو ۾ ڦٽو ڪندو“ ، ”انڌي جهڙي ساهري تهڙي پيڪين“ ، ”استاد جي مار ٻار جي سنوار“ تي به ليکڪ ڄُلهه ڪئي آهي. اعتراض ته ليکڪ ”جواني ۾ گونهه ڦلاربو آهي“ ۽ ”ٻار مُڇ جو وار“ تي به ڪيو آهي. ليکڪ عورت مخالف ۽ صنفي مت ڀيد تي ٻڌل چوٽين ۽ محاورن جي حوصلہ شڪني جي ڳالهه ڪري ٿو انڪري هو ”ڏوتيءَ“ جهڙا اصطلاح ۽ ”ايمٽان مُٽيو ته ٽيل ٿي پيو“ واري محاوري کي قابل نفرت سمجهي ٿو. هتي اها ڳالهه ڪرڻ به اهم آهي ته هر چوٽي صرف پنهجي وقت جو سچ هجي ٿي ليڪن ڪي چوٽيون دائمي سچ به ٿي ويندبون آهن . ”جواني ۾ گُونهه به ڦلاربو آهي“ تي ليکڪ تنقيد ڪئي آهي ليڪن ان چوٽي مان مراد اها ناهي ته ڪو گُونهه کي پلو ۽ جوان سڏيو ويو آهي بلڪ انهي جو مقصد اهو آهي ته ڪيڏو به گُونهه ڦلارجي، سُنو نظر اچي ليڪن اهو گُونهه ئي هجي ٿو جيڪو صرف ڏپ ئي ڪندو آهي ائين ٻار مُڇ جو وار مان مراد ها آهي ته ٻار

کي پيار ڏيندئو تہ پيار پلئي پوندو نفرت ڏيندئو تہ نتيجو اهوئي نڪرندو يعني جيڪو ديڳڙيءَ ۾ اهو ئي پليٽ ۾ بہ هوندو.

هڪ خوبصورت چوٽي ”پسارِي“ بہ آهي جنهن مطابق ”سماج کي هريڙ وارن پسارين کان بچايو ڪٿي گهٽي دير نہ ٿي وڃي.“ پاڻ وٽ هرڪو ڪُوئي جيان هرِيڙ هٿ ڪري پساري تہ بڻيل آهي. چوٽيءَ ”گهتا“ ۾ بہ چا تہ ڪڙو سچ چيل آهي،

”ينگ ۽ ڏوڏي بدران نہ جي اهي مذهب ۽ قومپرستي جا گهتا بند ٿين ها تہ اڄ ائين ڪُندن ۾ ويهي روئون نہ ها.“

انسان ٿيڻ پيٽ پريل جو مسئلو ناهي. انڪري ”خالي پيٽ “ چوٽيءَ سرجيل آهي تہ ،

” ٻولي مذهب ۽ قوم تہ ڊاول پيٽ جا چونچلا آهن. خالي پيٽ ئي، انسان ڏانهن موڪلي ٿو“

چوٽي ”تنظيم ۽ مقصد“ پڙهڻ سان ڪنپيءَ جي وصف بہ سامهون ٿي آهي ليڪن جيڪا پيٽ تنظيم ۽ مقصد سان ٿيل آهي اها واقع ڳائڻ جهڙي آهي.

”جنهن سماج ۾ تنظيم ۽ مقصد مبهم هوندا اتي اڳواٽي ڳُنپيين جهڙي هوندي صبح جو تازه دم دلپذير شام جو مردار ۽ بيڪار “

هڪ ڪمال جي چوٽي ”اميدون“ جي سري سان آهي جنهنجي تشريح ڪمال جي آهي ”اميدون - عذاب جي ڪُک مان اميدون ائين جنم وٺنديون آهن جيئين ڪمزور عورت جي ڪُک مان مرد .“

هينئين چوٽي ڪيڏي نہ من لپائيندڙ ۽ بامعني آهي جنهن سان انسانيت جو مستقبل واڳيل آهي.

سچائي جو سفر - ”سچائي جو سفر خواب ڪان شروع ٿي حقيقت تائين پهچندو آهي.“

سچائي جو سفر واري چوٽي ليکڪ جي خيال جو مظهر آهي. انهي خيال عبدالرحمٰن پيرزادي کي ”سنڌ جو

بلاگر“ بڻايو تہ نئين عهد جو نرالو شاعر بہ بڻايو، هن ڪتاب ۾ شامل ڪارائتين، وقتائتين چوٽين جو خالق بڻايو، انڪري وقت جي سُونهِين هجڻ لاءِ لازمي شرط خواب ڏسڻ آهي. ڪتاب ۾ شامل چوٽِيُن ۾ بہ اها ئي ڳالھ ٻولھ ٿيل آهي. خواب ڏسجي ، ڪوڙ نہ سچ جي ڳالھ ڪجي، ڪڪرصرف آسمان ۾ سُنا لڳندا آهن. اهوئي ڪڪر قومپرستي، مذهب پرستي، نسل پرستي، فرقہ پرستي، ذات پرستي، پرستي ئي پرستي بڻجي اکين آڏو اچي وجي تہ حقيقت ڏنڌلائجي ويندي آهي ۽ سچ جو پيرو پري پري تائين ڪونہ ملي سگهندو آهي. ليکڪ جي ڪتاب ۾ هڪ خوبصورت چوٽي آهي.

ڪڪر- ڪنهن جي آسمان ۾، ڪنهن جي اکين ۾.

# تخليقي ويچارن جو اظهار

## انور ابڙو

محترم عبدالرحمٰن پيرزادو صاحب هڪ وڏي عرصي کان مسلسل لکي رهيو آهي، خاص طور سندس بلاگ پڙهندڙن وٽ وڏي اهميت رکن ٿا .عام صحت ۽ عوامي خدمت کي پنهنجي زندگي ڏيندڙ عبدالرحمٰن پيرزادو پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ تمام گهڻو واضح آهي .ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ هر معاملي کي عقلي بنيادن تي ڏسڻ: سندس ويچارن جو جوهر آهي . هن ڪتاب سميت سندس پنجاهه کان وڌيڪ ڪتاب آن لائين شايع ٿيل آهن .ڪتابن جي هن ليکڪ لڳ ڀڳ هر موضوع تي، شاعري توڙي فڪشن ۽ نان فڪشن ۾ لکيو آهي .سندس هيءُ ڪتاب مختصر تخليقي ويچارن جو اظهار آهي، جنهن ۾ هن موجوده وقت واري انساني سماجي زندگيءَ جي عام لاڙن ۽ خيالن کي بيان ڪيو آهي .

هي 'نيون چوٽيون' اڄوڪي عام زندگيءَ جي سندس تجربن ۽ مشاهدن جو اولڙو پڻ آهن ۽ اهي سياڻي ۽ ان کان به سياڻي ائين موجود رهڻ جي سگهه به رکن

ٿيون، جيئن اسان وٽ گذريل صدين جون چوڻيون اڄ به مروج آهن ۽ ماڻهو ان لوڪ ڏاهپ جو، پنهنجي وڏي ڳالهه کي به مختصر لفظن ۾ بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آيا آهن .

منهنجي نظر ۾ 'چوڻين'جو، لوڪ جي ڳالهه ٻولهه جو حصو بڻجڻ جو امڪان تڏهن پيدا ٿيندو آهي، جڏهن اهي اُن تائين مختلف ذريعن وسيلي پهچنديون آهن، ڇاڪاڻ جو"چوڻي "کي عام ماڻهو ئي پنهنجي عام ٻوليءَ جو اڻٽٽ حصو بڻائي، انهن کي صدين تائين زنده رکي ٿو .تنهن ڪري هِن ڪتاب ۾ ڪافي اهڙيون چوڻيون آهن، جيڪي جيڪڏهن عام ماڻهن تائين پهچن ته اهي لکت سان گڏ اسان جي عام ٻوليءَ جو حصو بڻجي سگهن ٿيون" .ڏُر ٿيندين، ڏَار ٿيندين، " "دليل ڏيندين ذليل ٿيندين،" "شخصن جا پوڄاري، ادارا ڪيئن ناهيندا،" "مسيحا دڪانن تي وڪر وڪڻندي ناهن ڏسبا، "دنيا ته آهي ئي خواهشن جي" ".پوڙها نڱ هڪٻئي جون ڪچيون ڪن،"۽ اهڙيون ٻيون ڪافي چوڻيون، سادي ٻولي ۽ پرپور خيال سبب اسان جي گفتگو توڙي تحرير ۾ شامل ٿي، ان جي سونهن وڌائي سگهن ٿيون .پر هڪ ڳالهه اها آهي ته، جيئن ته هنن چوڻين جو پسمنظر موجوده حالتون ۽ انساني

رويا آهن، تنهن ڪري سياڻي کهڙي صورتحال بيهندي ۽ انساني رويا ڪهڙا هوندا، اُن دور ۾ هي چوٽيون ڪيتريون استعمال ۾ رهنديون؟ اهو سياڻي جو سوال آهي، چاڪاڻ جو خود سنڌي ٻوليءَ جي بقاء جو بہ سوال آهي، پر اڄ ليکڪ هنن چوٽين وسيلي سماجي حقيقت نگاريءَ جو بهترين ۽ متاثر ڪندڙ اظهار ڪيو آهي .ٻوليءَ هينئن نهندي ۽ ترقي ڪندي هلندي آهي .هن اڳ وارن ڪجهہ پهاڪن جي بہ نئين سِر تشريح ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪجهہ اهڙا تخليقي ويچار بہ ڏنل آهن، جن کي” چوٽيون “چوڻ بدران شاعراڻا خيال، ڪا مختصر راءِ، ڪو نثري نظم يا ڪا مختصر ترين ڪهاڻي بہ چئي سگهجي ٿو، چاڪاڻ تہ اسان جيڪي بہ چوٽيون، پهاڪا ۽ اصطلاح هينئر تائين پڙهيا ۽ ٻڌا آهن، سي ايترا تہ مختصر آهن، جو اهي فوري طور ياد ٿي وڃن ٿا ۽ موقعي جي مناسبت سان فوري طور ياد بہ اچي وڃن ٿا .اسان تہ هاڻي تہ پٽائي سائينءَ جي بيتن جي سٽن مان بہ هڪ يا اڌ سٽ ڪٽي ان کي چوٽيءَ طور استعمال ڪريون ٿا) جنهن تي سائين اياز قادري صاحب جو بہ ڪم ٿيل آهي(، پر ان کي بہ اڃان عام ٻوليءَ جو حصو بڻجڻ ۾ وقت لڳندو .شيخ

اياز صاحب بہ  ڪجهہ  نيون چوٽيون ۽ پهاڪا لکيا هئا، پر اُنهن کي عام ٿيڻ ۾ وقت گهرجي .

بهرحال عبدالرحمٰن پيرزادي صاحب جو هيءُ بهترين تخليقي نثر آهي، جنهن ۾ ليکڪ سماجي، ادبي، سياسي، عام صحت ۽ ٻين معاملن تي پنهنجي راءِ ڏني آهي .بس ضرورت ان ڳالهہ  جي آهي تہ هي ويچار عام ماڻهوءَ تائين پهچائجن .

26 ڊسمبر، 2022

ڪراچي

## پَٽَرُ

ڪنهن جي پيٽ تي،
ڪنهن جي در تي.

## ٻُڪَ

ڪنهن جي ڪلهن ڪان هيٺ،
ڪنهن جي ڪلهن ڪان مٿي.

## ڪَڪَرُ

ڪنهن جي آسمان ۾،
ڪنهن جي اکين ۾.

## ڏوڙ

ڪنهن جي دڳ ۾،
ڪنهن جي مٽي ۾.

## نيوٽرل

نيوٽرل اديب هجي يا صحافي
جهڙو ڏنڊ ۾ ڪتِيّل وهڙو

## غيرت

ڪهڙي اها غيرت
ڏنڊ ۾ روڪ رقم
چٽيءَ ۾ عورت.

## دنيا

دنيا تہ آهي ئي خواهشن جي

## پُٽِ

پنتي ڪڍهن نہ موٽجان،
پٽ ورائي ڏسجان ضرور.

## ڏيئو

ڪنهن در تي ٻري تہ ياڳ،
جي لنگھ تي ٻري تہ نياڳ.

## گُلَ

ڪنهن جي در تي،
ڪنهن جي قبر تي.

## درياهه

پريو وهي تہ سير،
سڪي تہ واريءَ ڍير.

## مُگَ

ڪنهن جي وات ۾،
ڪنهن جي دال ۾.

## ڪٽڪ

ڪنهن جي گنديءَ ۾،
ڪنهن جي گودڙيءَ ۾.

## مرداڻو سماج

نہ مرد جي عزت محفوظ،
نہ ڪنهن عورت جي.

## مذهبي سماج

نہ اڪثريت جي
عزت محفوظ،
نہ وري اقليتن جي.

پهريان بيهي تہ ڏيکاريو

دهل وڳو آ دوسو ڏسجو

لِکُ لچڻَ 'عبرت' اخبار ۾

بوند جو خواب درياهہ سان ملڻ آهي

## وائرس

ڪنهن جي ڪمپيوٽر ۾
ڪنهن جي ڦڦڙن ۾

## نوڪر

نوڪر جيڪڏهن نياڻو هجي
ته گهر نه ڊهرائبو

## سرڪار

سرڪار ۽ پنهنجي
ملڪيتي ادارن ۾
فرق ڪرڻو پوندو

## گامون

او سائين، اسان ڪوڙا بہ پلا
رڳو، گامون سيئي گڏ هجن

## بيوقوفي

جيڪو ڪنهن جي چڱائي
راڄ ۾ بيهي نہ مڃي.
انهيءَ ڪي ميار ڏيڻ ڪان وڏيڪ
ٻين بيوقوفي ڪهڙي ٿيندي

## چُوسَ

شل نہ ڪنهن ڪي چُوسَ پئي!
پنهنجي عزت بہ رڙڪي ويندو.

## صحتمند معاشرو

جهالت، سفارش ۽ ڏاڍ کي
ساراهڻ وارو سماج
ڪڏهن بہ صحتمند معاشرو
نٿو ڏئي سگهي.

## شفافيت

سرمائيداراڻي معيشيت ۾
شفافيت مطلب
بس اسٽاپَ تي
ڪائي(شيشي) جوڪاڪوس.

## جاگير

جاگير هميشہ عام کان
چوري ڪيلَ هوندي آهي.

## قانون

پيارَ ۾ ڪو قانون ناهي هلندو ۽
وري قانون ۾ پيار ناهي هوندو.

## پڙهڻَ جو فائدو

ڏِٻي بہ نٿا ورائي سگهو.
باقي توهان جي پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو

## نئين سنڌ جو دستور

جهانَ خاني جهانَ ۾
بس رڳو مان ئي آهيان
متان ڪنهن ٻئين راء ڏني.

## نئين سنڌ

سهٽيون عمارتون،
مهانگيون مشينون،
عاليشان فرنيچر
پر صحت جون سهولتون اٽلپ..

## پرچائڻ وارو

جنهن رسڻ مهل پرچائڻ وارن جو سوچيو .انکي شايد ڪو پرچائڻ وارو ڪتي تڪرائجي

## شعور جي اڏام

هاڻي سنڌ ۾ شعور جي اڏام
آستانا بچائڻ تي اچي پهتي آهي.

## زهر

انتها پسندي
پنهنجي هرشڪل ۾
سماجن لاءِ قاتل زهر آهي.

## زندگي

زندگي ڇا آهي؟
ڪڏهن ڪوهيرو.
ڪڏهن پاڇو.

## ايمانداري

ايمانداريءَ جو
نئون معيار
هڪ ئي وقت
هڪ کان وڌيڪ ادارن مان
پگهار کڻڻ

## رونقن جو راڄ

جن گهرن ۾
مرد خاموش ۽
عورتون فيصلا ڪنديون آهن،
انهن گهرن ۾ رونقن جو راڄ هوندو آهي.

## هاٿيءَ جو مڙھ

خبر ناھي ڪيستائين

انڌن جو ٽولو،

اھو فيصلو ڪندو تہ

ھي مڙھ ھاٿيءَ جو آھي يا

مينھن جو.

## ڪووڊ ـ ١٩ عالمي وبا

وبا قاتل ملڪن ۾

اسپتالون ايئن پيون پانئجن

جيئن پلال جي ڪري ڪي

باھ لڳي ھجي.

## ڏوڪو

صوفي مت کي
ترقي پسندي ثابت ڪرڻ
ايئن آهي،
جيئن
ينگ کي  دوا ڪري ڪپائجي.

## پتڻ

پتڻ تي نہ جي
ترڪڻ ٿي پوي
تہ جوُءِ مٿائبي

## گھاٽي جو سودو

گھاٽي جو سودو تہ ڪونھي.

چون ٿا

"اڄ جو دور ۾ توھان

جنھن سان چڱائي ڪندئو

اھو توھان جي سامھون ٿيندو"

پوءِ چڱائيءَ جي موٽ

ايترو جلدي ملندي آھي تہ

اھو ڪو گھاٽي جو سودو تہ ڪونھي.

## طبقاتي سماج جو الميو

قبرستان ۾ بہ پاڙا

ورھايل ھوندا آھن.

## تنظيم ۽ مقصد

جنهن سماج ۾
تنظيم ۽ مقصد
مبهم هوندا
اتي اڳوائي
ڪنپين جهڙي هوندي.
صبح جو تازه دم ۽ دلپزير
شام جو مردار ۽ بيڪار

## ٽڏي چانهه ۽ پڳهر ۾ ٻڏل مرد

ڀلا ٽڏي چانهه ۽ پڳهر ۾ ٻڏل مرد،
ڪنهن کي وڻندو؟

## موت

بيماري، اسپتال ۽
موت کان بچئون.
بک ۽ بيروزگاري
کا نئين کونهي.

## خالي پيٽ

ٻولي، مذهب ۽ قوم تہ
ڍاول پيٽ جا چونچلا آهن.
خالي پيٽ ئي ماڻهوءَ کي
انسان ڏانهن موڪلي ٿو.

## ڏاها

ڏاها سڀ سنڌ مان لڏي ويا.

باقي وڃي ٺڪر ٺانگر بچيا آهيون.

## حضور شرم

صبر ڏاڍي پلي ڳالھ آهي

پر، ادا ايترو بہ نہ ڪجو

جو ڪو بي شرم فائدو وٺي وڃي

پوءِ چوندا وتو اسان "حضور شرم"

## اسان ڪي اهي ارتقا جا پاراتا تہ نہ ڏيو

## زناني

پدرشاهي سماجن ۾
هر اها ڳالھ جنھن ۾ 'انسان' جھلڪي
اها 'زناني'.
جنھن مان 'جانور' بڪي
اها 'مرداني'

## موقف

جيستائن "منزل گاھ" جھڙن واقعن تي
متضاد ۽ مبھم موقف رکنداسين.
اھو عذاب گڏ ھوندو.

## برقعو

معاشي اٽبرابرين،

معاشي مسئلن ۽

معاشي جهيڙن کي

ڪيستائين

زبان، نسل، قوم يا مذهب جي

برقعي ۾ لڪائيندا سين.

## پساري

سماج کي

هريڙ وارن 'پسارين' کان بچايو.

ڪٿي گهٽي دير نہ ٿي وڃي.

## استنجا

روهڙي اسٽيشن تي
هڪڙي مشهور گادي نشين عالم ۽
مولوي نظير جتوئيءَ جو مڪالمو ياد اچي ويو.
مولوي نذير جتوئيءَ
سرِعام استنجا ڪندڙ گادي نشين کان پڇيو
پاڇائي بہ استنجا ڪندي آهي.
بس پو اڳيان جتوئي پويان مرشد ۽
روهڙيءَ جو پليٽ فارم

## ڏکيا ڏينهن

ڪنور جي قاتلن جا پيرا نہ وڃايون ها.
تہ سنڌ ڪي ڏکيا ڏينهن نہ ڏسڻا پون ها.

## ظلم

ظلم ايڏو آ جو
لکي بہ نٿو سگھجي.

## گھتا

'ينگ' ۽ 'ڏوڏيءَ' بدران نہ
جي اهي 'مذهب' ۽ 'قومپرستيءَ'جا '
گھتا' بند ٿين ها تہ
اڄ ايئن ڪنڊن ۾ ويهي نہ روئون ها.

## محبت

محبت جبلت آهي يا  انساني خصلت
منهنجي سمجھ کي تہ 'جبلت' ٿي لڳي.

## گھاٽو ساڳو آ

چاڪي ۽ ڏاند مٽجي بہ وڃن
تڏھن بہ فرق ڪونہ پوندو
جو گھاٽو اجا ساڳو آھي

## مشين

مشين ساڳي آھي،
ان جو اھو ڪم آھي
'اٽو' وجھندئوس تہ 'سيون' ڪيندي.
'گوشت' وجھندئوس تہ 'قيمو' ڪيندي.
باقي جيڪڏھن 'چيٽو' وجھي 'سيون' يا 'قيمو' گھربو تہ
اھو 'مشين' جي وس ۾ ڪونھي.

## جهالت خلاف گڏيل آواز

جهالت خلاف گڏيل آواز جي شديد ضرورت آهي.
ان سان گڏ اڌوگابري معلومات ۽ مفروضن تي ٻڌل موقف
کان بہ پرهيز ڪرڻي پوندي.

## طبقاتي سماَج

طبقاتي سماَج ۾،
انساني توڙي صنفي برابري تہ پري،
پلائي جي اميد رکڻ بہ خام خيالي ٿيندي.

## تقليدَ

اڪثريتَ جي انڌي تقليدَ ڪندي
گڏ هجڻَ مهل اصل ۾ گڏهہ هجبو آهي.

## خواب هجن آزاد

خواب هجن آزاد تہ ٻيو ڇا گهرجي
جنهن ڏينهن سنڌو ماتريءَ جا موسمي ۽ زرعي تهوار
اسان سڀني مذهبن جي قيد کان آزاد ٿي ملهايا،
ان ڏينهن سنڌ مذهبي رواداريءَ جي دور ۾ شامل ٿيندي.
باقي اڄڪلهہ اسان رڳو 'مبارڪون' ۽ 'واڌايون' لکي لکي
پيا پنهنجو روح ريجهايئون.

## جتي

جُتي ڪيتري بہ مهانگي هجي
ٽوپيءَ جي جاءِ نٿي وٺي سگهي

## سماج ۾ پنهنجي 'راءِ' رکڻ بہ ڏکيو ڪم آ.

## سُتي

يا تہ پٽن کي ڇمڻ مهل ئي زهر جي ستي ڏيو
يا
ڪين دنيا ۾ انسان تي رهڻ سيکاريو

## جانورن جو سماج

مَنُشَ کي انسان ٺيڻ تائين سندس اجتماعي توڙي انفرادي سهائتا جي گهرج هوندي آهي.

اها سماجن جي ذميواري آهي تہ اهي سندس سهائتا جاري رکن.

اهو ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ: ماڻهو بنيادي طور جانورن جو سماج جو هڪ جاندار آهي

## ڪوتاهہ قد ۔ ڪند ذهن

سنڌ ۾ کاڌخوراڪ جي ڪميءَ ڪري

ڪوتاهہ قد ۽

آيوڊين جي شديد ڪميءَ جي ڪري

ڪند ذهن

ايڏي جهجهي تعداد ۾ آهن جو

ڪين سجاڻڻ بہ ڏکيو ٿي پيو آهي.

## انسان

نسل، ذات، زبان کان

مٿانهون

'انسان' ٿيڻو پوندو.

## هڻ خط 'هلال پاڪستان' ۾

## اهڙو نظم لک جو چپجي 'سهٽي' ۾

## موت مسئلي جو حل ڪونهي

جنسي ڏاڍ جي مرتڪب سماج جو علاج ڪرائيو
اها خودڪشي هجي،
قتل يا سزا.

## اسان ڪي اهي ارتقا جا پاراتا تہ نہ ڏيو

## داڦ

هڪڙي چيٽن جي
ٻين سارين جي ٻنيءَ ۾
ٿين وري ماڻهوءَ جي

## بشنگيري

ميلي ۾ جيئن ڀ بشني پاڻ ۾ اچي وڙهندا آهن.
جيڪو چڏائيندو اٽن، ان جو 'ڪيسو' گم.
ايئن ئي. ساڳيو ڪم پوئتي پيل سماجن ۾
پادري، پانيڻ، 'ملو' ۽ 'صوفي' ڪندا آهن

## لاپ

زندگيءَ جي ٽڪاوٽن مان
بس هڪڙو ئي لاپ مليو.
'سڪون'

## ڳالھ نہ ڪر ڳاريون ملندئي

## اميدون

عذابن جي ڪڪ مان

اميدون

ايئن جنم وٺنديون آهن،

جيئن

ڪمزور 'عورت' جي ڪک مان 'مرد'.

## غيرجانبدار دانشور

بنا ڪنهن نظريئي، تنظيمي بندش جي

غيرجانبدار ۽ نام نهاد ترقي پسند دانشور

سماجن جو اهڙو ئي حشر ڪندا آهن

جهڙو بي پاڙي وڻن جو ڪندي آهي.

## تيلي ڏيندين ڍاند ٿيندو

## ڪاسبي

زرعي سماج ۾

هنرمند

ڪڏهن بہ

وڏيرو ناهي ٿيندو.

ان کي 'ڪاسبي' چوندا آهن.

## اسان سکي ويا آهيون.

اسان هاڻ سکي ويا آهيون

پٽن جا نالا

سکيو رکيا اٿئون

باقي ڏيئڻ جو خيرآ

## سچائيءَ جو سفر

سچائيءَ جو سفر
خواب کا ن شروع ٿي
حقيقت تائين پهچندو آهي.

## ڏرٿيندين ڏار ٿيندين

## خوف جو ڪاروبار

خوف جي ڪاروبار ۾
سپ کان وڏيڪ
وڪامجندڙ 'جنسون' آهن.
مذهب ۽ قوم پرستي.

## دليل ڏيندين ذليل ٿيندين

## پڙيءَ جو ڍور

پڙيءَ تان ورتل ڍورن جو ڏڻ ڏکيو ٿهندو آهي

## ڊاڪٽر

ڊاڪٽرن جو ڪم

صرف بيمارين جو نہ

بيمارن علاج ڪرڻ آهي

اهي عوام جي انفرادي ۽ اجتماعي صحت جا ذميوار

آهن.

## سَنڌَ سان بيهو

## استاد

استاد جو ڪم ٻارن کي صرف پڙهائڻ ناهي
پر پاڙهڻ ۽ تربيت ڪرڻ آهي.
اهي سماج جي انفرادي ۽ اجتماعي تربيت جا سفير
آهن.

## ٻولي

ٻولي اها ئي ڳالهائي ويندي جنهن ۾ سماج جو معاشي
ڪاروهنوار هلندو.

## هڪڙي ڳالھ

سو ڳالهين جي هڪڙي ڳالھ ـ سنڌ کي تربيت يافتہ
پڙهيل لکيل استادن جي ضرورت آهي.

## ويم گهر

سو ٻالهين جي هڪڙي ٻالھ .
سنڌ کي تربيت يافتہ عملي وارن
ويم گهرن جي ضرورت آهي .

## سنڌ جو الميو

گهر ۾ الله جو ڏنو سڀ ڪجھ آهي
بس رڳو
"دانگي" . 'ڪاڪوس' ۾ پئي آهي
۽
"ڪنئورو" . رنڌڻي ۾ رکيو آهي

## نئون دستور

جيڪڏهن امان کي چاچي چوندين تہ
ان کي گار سمجهي
مان تنهنجي زبان چڪي وٺندس
-
امان کي نہ تو سس چيو تہ
مون کان بچڙو ڪير نہ ٿيندئي
-
اهو مامي مامي نہ ڪر تہ
ڏيانءِ نہ سبق منهنجي ماءُ آ
-
هٿ پير هٽي سٽيي پوسٽ هٿ ڪئي آهي،
ان ڪري ان خلاف ڪا ڳالهہ ڪرڻ قومي ڏوهہ آهي

## ايمانداري

يارِ ماڻهو ايترو بہ ايماندار نہ هجي جو سڄي ڄمار سرڪاري نوڪريءَ تي پلتي هڻي ويهي رهي.

## ڏرتيءَ جو اصلي پُٽُ

ان جو مطلب ٿيو 'اصلي' معنا 'وارث' يا قانوني 'مالڪ' پوءِ پلي گهر جا، ٽيڙ ٽڪي ڪپائي يا جوا، ۾ لٽائي اهو سندس پيدائشي حق ٿئي ٿو، انڪري 'اصلي' جيڪو ڪجھ بہ ڪن انهن کان پڇا ڪرڻ، ايستائين جو معلوم ڪونهي. ڪرڻ بہ ٻئي ڪنهن جو حق يا اختيار

## پلائي

پرائي ڪافي عرصي کان بند پيل گاڏي [ويگن] جي چاٻي نهرائي ان کي بغير ڪرائي جي اسڪول وين ڪري هلائڻ لاءِ چندو گڏ ڪرڻ کي سنڌيءَ ۾ چا چونداسين .

[پلائي]

## ميراثي

پوئتي پيل سماجن ۾ هنرمند ڪاريگر کي ميراثي چئي سندس تذليل ڪئي ويندي آهي.

# ٻوٿ

فيس بوڪ تي هڪ دوست ٻهاڪو ونديو:
عورتون هڪ تئي جون روٽيون،
ڪي چوٽيون تہ ڪي موٽيون.
مون وري هڪ ٻهاڪو تخليق ڪيو:
مرد هڪ تئي جا روٽ ،
ڪي سياٽا سيبتا
ڪي صفا ٻوٿ[5] .

---

[5] ٻوٿُ (واحد) ـ انساني جسم ۾ ويهڪ جي جاءِ ،
هنگڻ جي جاءِ سميت.
ٻو ٿ (جمع)

## ڪانون ڪان ئي سڪئون

ڪانو جڏهن آکيري مان
ٻچا اڏائيندا، آهن ته
انهن جي پهريداري ڪندا آهن،
ايستائين جو
جنهن مان ٻه ٻچي کي
خطرو سمجهندا آهن،
ان کي ٺنهنگا هٽي پڇائيندا آهن.
ٻيون نه ته پلا
ڪانون ڪان ئي سڪئون.

## ادارا

شخصن جا پوڄاري
ادارا ڪيئن ناهيندا

## هينگون

ڪاروبار ۾ هينگون

## گڏ ٿيڻ

رڳو گڏ ٿيڻ ڪو مثبت عمل ڪونهي.
گڏ تہ ڏناور بہ ٿيندا آهن

## سزا

مردن جي جلدبازيءَ جي سزا وري
سندن گهرواريون ۾ ٻار ڀوڳيندا آهن

## هههه

هر ڳالھ تي 'هههه' ڪرڻ ڪي ڪهڙو روئيو چئبو؟

## پرستي

پرستيءَ کي جي سنگ هجن تہ
ڏسڻ ۾ منهنجي بہ مدد ڪريو.

## انبوهہ

مقصد بنا گڏ ٿيڻ کي سنڌيءَ ۾ 'انبوهہ' چئبو.

## تنظيم

مقصد سان گڏ ٿيڻ کي سنڌيءَ ۾ 'تنظيم' چئبو.

## ڇڙواڳي

تنظيم جي ضابطي کي پنهنجي ڏيڻ کي 'ڇڙواڳي' چئبو.

## پيشو

پيشو ڪو بہ پيغمبري ڪونهي ٿيندو.

## مسيحا

مسيحا دڪانن تي وڪر وڪڻندي ناهن ڏسبا

## چڱي

گجي بہ ميجالي ڪان چڱي
خالي ٽيڻ جي خبر تہ پوندي

## خوراڪ

ادب انسان جي 'گجيءَ' جي نہ،
'ميچالي' جي خوراڪ آهي.

## اولاد

سُٺريل اولاد، پَٽَ پڙهائي.
اُٺريل اولاد، لاکَ لهرائي.

## ڪچيون

پوڙها نڱ، هڪ ٻئي جو ڪچيون ڪن

## ڪنپيون

جن علائقن ۾ ڏڻ ناهن هوندا
اتي ڪنپيون ٻہ ڪونهن ٿيندڀون

## مينهن

جن علائقن ۾ وڻ ناهن هوندا
اتي مينهن بہ لوڙهيندو آهي

## تازي

سنڌ ۾ چٽيل گڏھ بہ
تازي ڪري پيش ڪيو ويندو آهي

## ڪنڊوم

افغانستان ۾ آمريڪا ۽ نيٽو جي تربيت يافتہ فوج
ايتري پروسي جوڳي نڪتي جيترو اڳڻ تي سمهيل
جوڙي لاءِ 'ڪنڊوم'.

## گاريون

ٻوليءَ مان گاريون ڪيڍنديئو تہ
هر ڪنهن جي هٿ ۾ پيندٻ هوندو. !!

## سڪون

زندگي ءَ جي ٽڪاوٽن مان بس هڪڙو ئي لاڀ مليو
'سڪون'

## اميدون

عذابن جي ڪک مان اميدون ايئن جنم وٺنديون آهن،
جيئن ڪمزوَرَ 'عورت' جي ڪک مان 'مرد

## غلط العام

ڪڇي ۾ ڳوٺ

درياهه ۾ ٻوڏ

## نسل پرستي

اسان جڏهن مادري زبان جي اهميت ڄاڻائيندي ڄاڻائيندي، اڪثريتي ٻوليءَ جا وڪيل ٿي ٿا بيهئون تڏهن اسان جي اندر ۾ لڪل نسل پرست وائڪو ٿي پئي ٿو

## اديب

وڏو اديب جيڪڏهن وڏو ماڻهو ٿي وڃي ته سماجَ يوڳيندو آهيَ

## بس ڏوئي نہ ٽنگجي

ڏوئي وڻ سانَ ٻڌبي تہ مينهن وَسڻ بند ٿي ويندو، اها تہ
ٿي جهالت جي نشانيَ پَرَ ڪنهن جيَ ڏوئي نہ ٽنگجي

## ڏاها

ڪجھ ڏاها وري 'ڪانو' جيترا عقلمند آهن

## پيار

پيارَ ۾ ڪو قانون ناهي هلندو ۽ وري قانون ۾ پيارَ ناهي
هوندو

## اکريل

اسان وٽَ جيڪو تعليمي نظامَ آهي .اهو 'اکرَ' سجاڻڻ
سيکاريندو آهي .سمجهڻ بہ ڪونهي سيکاريندو .انکري
انهن کي تعليم يافتہ 'نہ پڙَ'
اکريل 'چوڻَ گهرجيَ'

## پٽڪو

پهريان پٽڪو ڏوَڙَ ڪري
پو ۽ اچي لنگي ٻڏرايئون

## ڳالهہ نہ ڪَرَ ڳاريون ملنديئي ۔

## پَرَ

غلط العام کي استعمال ڪَرڻ کانَ پاسو ڪَرَڻ گهرجي
باقي رهيا 'پَرَ' اهي رڳو پڪين کي سونهن . ڪوليءَ لاءَ
تہ موت ٿيندا آهن

## انسان

مذهبن ۾ وڪوڙيل سماجن ۾ َرڳو انسانَ هجڻ بہ ڪو
سولو ڪونهي

## طبقاتي سماج

طبقاتي سماجن جو تاريخدان ڪمزور فردن جو سنن
لفظن ۾ ذڪر ڪرڻ تي شرم محسوس ڪندو آهي

## ڪردار

وڏيرو هجي يا جاگيردار، پير هجي يا سردار. لفافي صحافي هجي يا ڀتاخور قومپرست ڏنڊوڙي مزدور اڳواڻ هجي يا ڪوڙو ڪميونسٽ سڀئي ڪردار رياستون پيدا ڪنديون آهن. حڪومتون مجبوري ۾ پاليندڀون آهن سماج انهن جو ڪيتو لوڙيندا آهن. جيئن اسان سنڌ ۾ لوڙيون پيا

## دليل

دليل ڏيندين

ذليل ٿيندين .

## ڏر

ڏر ٿيندين

ڏار ٿيندين .

## ڏنڊ

ڏنڊ سان هلندين

گهڻ سان هلندين .

## عمل

عورتن ۽ ٻارن سميت ڪمزوَرَ طبقن خلاف ٿيندَڙَ ظلم، زيادتيون ۽ ويساھ گهاتيون جيستائين درگذر ٿينديون رهنديون تيستائين سماجي ترقي ممڪن ئي ڪونهي سچو جهيڙو ئي عمل جو آهي.

## جائو ناهي ڏاڍي مهانديءَ!

## نظَرَ

رَڳو بتي ٻاَرڻ سان مسئلو حلَ ڪونہ ٿيندو
وَ ٿَ تي بہ نظَرَ رکٽي پوندي

## ڍاندي

تيلي ڏيندين
ڍاندي ٿيندَوَ

## هڪ منڊو ٻيو چوي ڪيڙي گهمان!!

# اتائي

اتائيءَ کي عطائيquack لکي، هرويرو آفاقي ڪري پيش ڪيو ٿو وجي. جهَڙوڪَرَ اها ڪا فطرت طرفان عطا ٿيلَ ڏات يا ڏان ءَ هجي .جڏهن تہ اهو هڪ سماجي ڏوهہ آهي جنهن جي قانوني طوَرَ-سڌَريل سماجنَ ۾ سزا بہ مقرر آهي

# جهنگ جو خيال

سٺن خيالن جو ڏسجندڙ يا بکندڙ فرد جيڪڏهن عمل جو سٺو نہ هجي تہ اهو خيال تہ پو جهنگ جو خيال چئبو يا ان تي بہ ڪک رکندئو

## ابو مئو ادو ڄائو اسان اهڙي جا اهڙا...

چريئي کي پٽ ڄائو، چمين ۾ ئي ماري
چڏيئين

چورو ته ويو، گڏھ به ڪاھيون ويو

انڌو ھنگي، ڏھ سيڙائي.

انڌو جهڙو پيڪين، تهڙو ساهرين .

مرد راڳي چڙهي، سر وڃائي.

## قرض

ڪانڍيرن جي ٻار تي سڀ قرض لاهينداسين .

## ٻٽئي

ڪانڊيرن جي ٻٽئي ٿيندي، گنديون ٻه پربيون.

## 'نوڪر جيڪڏهن نپاڳو هجي ته گهر نه ڏهرائبو

## ملڪيت

سرڪار ۽ پنهنجي ملڪيتي ادارن ۾ فرق ڪرڻو پوندو

## گامون

.پلا ٻہ ڪوڙا اسان سائين، او
هجن گڏ سيئي گامون رڳو،

## ميار

جيڪو ڪنهن جي چڱائي راڄ ۾ بيهي نہ مڃي .انهيءَ
کي ميار ڏيڻ ڪان وڏيڪ ٻين بيوقوفي ڪهڙي ٿيندي

## ڪاري عينڪ

ڪاري عينڪ پائي حڪم ڪيائون .
اسان جي اکين جي ڪهاڻي پڙهو .

## ٽِج

'ٽِج' ٻار لاءِ تہ تحفو آهي پر ماءُ، پيءُ، خاندان،
ملڪ، قوم، دنيا ۽ انسانيت لاءِ بہ فائديمند آهي....!!

## ماءُ

ٻَہ پيري هجي يا چار پيري
ماءُ تہ ٻَڙُ ۽ پلي ڪپي، پر پيءُ بہ ٻَڙُ ۽ پلو هجي....!!

**شاعري**: سماجن جو تاجي پيٽو ٿيندي آهي

**شاعري** :سماجن جو عڪس ٿيندي آهي

## ڪپڙو

ڪپھ جو خير آ
بس! ڪپڙو بچايو

**ڪھاڻي** :سماج تي چغلي ٿيندي آهي

## اٽو

ڪڻڪ جو خير آ
بس، اٽو بچايو.

**شاعري** :سماجن جي نبض هوندي آهي

**ڪهاڻي** :سماج طرفان ڏوهه جو اقرار ٿيندي آهي

## چانور

سارين جو خير آ
توهان چانور بچايو.

**پرستي** :ڪائنات ۾ پرستيءَ جي ڪينسر جو ڪو به علاج ڪونهي.

**شاعري** :سماجن جي تاريخ ٽيندي آهي

## سراسري

خيرات نہ حق گھرجي
برابري نہ سراسري گھرجي

**ناول**: سماج جي منجهيل سٽ کي کولي سامهون رکڻ
جو ذريعو ٿيندو آهي.

## کند

کمند جو خير آ
هاٿي! کند بچايو.

## شاعري :سماجن جي ڄاڻي ٽيندي آهي

## فصل

ڀنين جو خير آ
ها! فصل بچايو.

## گرامر

لفظن جو خير آ
رڳو، گرامر بچايو.

## ٻولي

ماڻهن جو خير آ
بس! ٻولي بچايو.

## پاڙو

جي ميلو ڪمائڻو آ
پاڙو تہ ڏيڻو پوندو.

## ميلو

ميلو بہ ڪمايون
پاڙو بہ نہ ڏيئون !

## شوق

بنا پاڙي
شوق جو ڪمائڻ ميلو


زندگي چاهي؟
ڪڏهن ڪوهيرو
ڪڏهن پاچو
عبدالرحمٰن پيرزادو